# تَزۡكِيهءِ نفس

(نفسِ اَمّاره کي سڌارڻ جا طريقا)

23-March-2023



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)

24 مارچ 2023ء تي پاڪستان جي هفتيوار اجتماع ۾ ٿيڻ وارو بيان

# تَزْكِيءِ نفس

(نفسِ اَمّاره کي سڌارڻ جا طريقا)

هن بيان ۾ اوهان ڄاڻي سگهندؤ...

✿... روزيدارن جو پاڙو

✿... نفس هر بُرائي جو نڪاٽو آهي

✿... تزڪيءِ نفس (نفس کي پاڪ ڪرڻ) جا 3 طريقا

✿... بزرگن جو عبادت ڪرڻ جو طريقو

پيشڪش

مجلس اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيه (اسلامڪ ريسرچ سينٽر)

(شعبہ بياناتِ دعوتِ اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَاف (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

## دُرود شريف جي فضيلت

حضرت سَهل بن سعد رضی اللہ عنہ کان روايت آهي تہ هڪ ڏينهن نبي پاڪ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ٻاهر تشريف وٺي آيا، هن موقعي تي حضرت ابو طلحه انصاري رضی اللہ عنہ اڳتي وڌي ڪري عرض ڪيو: يارسولَ اللّٰه صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! منهنجا ماءُ پيءُ اوهان تي قربان، اڄ چهري مبارڪ تي خوشي جا آثار معلوم ٿي رهيا آهن. پياري آقا، مديني واري مصطفٰي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: بيشڪ هاڻي هاڻي جبريلِ اَمين عَلَيْهِ السَّلَام مون وٽ آيو ۽ انهن عرض ڪيو: اي محمد صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جنهن اوهان تي هڪ ڀيرو دُرودِ پاڪ پڙهيو، اللّٰه پاڪ ان جي نامۂِ اعمال ۾ 10 نيڪيون لکندو ۽ 10 گناهہ مِٽائيندو ۽ 10 درجات وڌائيندو.[1]

اُن پر دُرود جن کو کسِ بے کَساں کہیں | اُن پر سَلام جن کو خَبَر بے خَبَر کی ہے[2]

وضاحت: پياري آقا، مديني واري مصطفٰي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ڪي بي سهارن جو سهارو چيو ويندو آهي، جيڪي هر بي خبر جي خبر رکڻ وارا آهن، انهن تي دُرود ۽ سلام هجن.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

[1] القول البديع، صفحه:118.

[2] حدائق بخشش، صفحه:209.

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

حديثِ پاڪ ۾ آهي: اَلنِّيَّةُ الْحَسَنَةُ تُدْخِلُ صَاحِبَهَا الْجَنَّةَ سچي نيت ٻانهي کي جنت ۾ داخل ڪري ڇڏيندي آهي.[1]

اي عاشقانِ رسول! سٺين سٺين نيتن سان ثواب وڌي ويندو آهي. اچو! بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نيتون ڪري وٺون ٿا، مثال طور نيت ڪريو! ۞ رضاءِ الٰهي جي لاءِ مڪمل بيان ٻڌندس ۞ اَدَب سان ويهندس ۞ بيان دوران سُستي کان بچندس ۞ پنهنجي اِصلاح جي لاءِ بيان ٻُڌندس ۞ جيڪو ٻُڌندس، اهو ٻين تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## روزيدارن جو پاڙو

حضرت مالڪ بن دينار رَضِیَ اللهُ عَنْه تمام وڏا الله جا ولي آهن، ٻين ولين رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِم جيان پاڻ بہ نفس ڪُشي (يعني نفساني خواهشن کان بچڻ) جي لاءِ محنت ڪندا هئا. اميرِ اهل سنت، حضرتِ علامہ مولانا محمد الياس عطّارقادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه پنهنجي ڪتاب فيضانِ رمضان ۾ لکن ٿا: حضرت مالڪ بن دينار رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه (نفس جي خواهش کان بچڻ جي لاءِ) 40 سالن جي دوران ڪڏهن ڪُجور نہ کاڌي. 40 سالن کان بعد جڏهن ڪيس ڪُجور کائڻ جي خوب خواهش ٿي تہ پاڻ نفس ڪُشي (يعني ان خواهش جو زور ٽوڙڻ) جي لاءِ لاڳيتو هڪ هفتو روزا رکيا، پوءِ ڪُجورون خريد ڪري ڏينهن جي وقت بصره شريف جي هڪ مُحلي جي مسجد ۾ داخل ٿيا، اجان کائڻ جي لاءِ ڪُجورون ڪڍيون ئي هيون تہ هڪ ٻار رڙيون ڪري چوڻ لڳو: بابا سائين! مسجد ۾ غير مُسلم اچي ويو آهي. ٻار جي والد صاحب ٻڌو تہ

[1] ... مسند فِردَوس، جلد:4، صفحہ:305، حديث:6895۔

هٿ ۾ ڏنڊو کڻي ڪري ڊوڙندو آيو پر جڏهن حضرت مالڪ بن دينار رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي ڏٺو تہ سجاڳي ورتو ۽ معافي گهرندي عرض ڪيائين: حضور! اصل ۾ ڳالهہ هي آهي تہ اسان جي پاڙي ۾ تمام مسلمان روزا رکندا آهن، غير مُسلمن کان علاوه هتي ڏينهن جي وقت کوبہ ناهي کائيندو، ان ڪري پار کي اوهان جي غير مُسلم هجڻ جو خدشو ٿيو. مهرباني ڪري! اوهان هن جي خطا معاف فرمائي ڇڏيو!

حضرت مالڪ بن دينار رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جوش جي عالَم ۾ فرمايو: ٻارن جي زبان غيبي زبان هوندي آهي. پوءِ قسم کنيائون تہ هاڻي ڪڏهن کُجور کائڻ جو نالو نہ وٺندُس.[1]

رِہائی مجھ کو ملے کاش! نفس و شیطاں سے
گناہ بے عدد اور جرم بھی ہیں لاتعداد
ترے حبیب کا دیتا ہوں واسِطہ یاربّ!
معاف کر دے نہ سہ پاؤں گا سزا یاربّ![2]

پيارا اسلامي ڀائرو! حضرت مالڪ بن دينار رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي هن خوبصورت واقعي مان اسان جي لاءِ سکڻ جون 2 ڳالهيون آهن:

## (1): پهريان جي مسلمانن جي روزي سان محبت

(1): پهرين نمبر تي هي ڏسو! تہ پهريان جا مسلمان روزن سان ڪيتري قدر محبت ڪندا هئا، ماهِ رمضان کان علاوه بين ڏينهن ۾ بہ سجي پاڙي ۾ رمضان جهڙو ماحول هوندو هو، ايستائين جو ننڍڙي ٻار سمجهي ورتو تہ شايد ڏينهن جي وقت کائڻ (يعني نفلي روزا نہ رکڻ) غير مسلمن جي سڃاڻپ آهي.

افسوس! هاڻ تہ حالتون بلڪل ابتڙ آهن، ڪيترا ئي اهڙا غافل آهن جيڪي بنا

---
[1] تذکرۃُالاولياء صفحه:33خلاصتہً۔
[2] وسائل بخشش ،صفحه:78۔

شرعي مجبوري جي رمضانُ المبارڪ جا پهريان تہ روزا ناهن رکندا، هي ڪبيره گناهہ حرام ۽ جهنّم ۾ وٺي وڃڻ وارو ڪم آهي، پوءِ هڪ تہ چوري ٻيو سينہ زوري ايئن ڪندا آهن جو ❁ روزيدارن جي سامهون ئي کائيندا پيئندا آهن ❁سگريٽ جا سوٽا هڻي رهيا هوندا آهن ❁ پان چٻاڙي رهيا هوندا آهن ❁ ايستائين جو ڪجهہ تہ اهڙا بي شرم آهن جو سري عام پاڻي پيئندا بلڪ کاڌو کائيندي بہ ناهن شرمائيندا. الله پاڪ اسان کي رمضانُ المبارڪ جي بي قدري کان محفوظ فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيِّيْن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

## ماهِ رمضان جا روزا فرض آهن

ياد رکو! رمضان مهيني جا ٻہ چار يا ڏهہ نہ بلڪ پوري مهيني جا روزا رکڻ هر مسلمان عاقل ۽ بالغ تي فرض آهن. قرآنِ ڪريم ۾ آهي:

| | |
|---|---|
| يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا كُتِبَ عَلَيْكُمُ الصِّيَامُ كَمَا كُتِبَ عَلَى الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِكُمْ لَعَلَّكُمْ تَتَّقُوْنَ ﴿۱۸۳﴾ (سيپارو: 2، سورة بقرة: 183) | ترجموڪنزالعرفان: اي ايمان وارؤ! توهان تي روزا فرض ڪيا ويا جيئن توهان کان اڳين ماڻهن تي فرض ڪيا ويا. |

ڏسو! هن آيت ۾ صاف صاف فرمايو ويو تہ توهان تي روزا فرض ڪيا ويا آهن لهٰذا شرعي مجبوري جي بغير رمضانُ المبارڪ جو هڪ بہ روزو ڇڏي ڏيڻ گناهِ ڪبيره [1] ۽ جهنّم ۾ وٺي وڃڻ وارو ڪم آهي. كِتَابُ الْكَبَائِر ۾ آهي جيڪو شخص بنا ڪنهن مرض ۽ عُذر جي ماهِ رمضان جا روزا ڇڏي ڏي اهو زناڪار،

[1] رسائل ابن نجيم ، الرسالة الثالثة والثلاثون فى بيان الكبائر والصغائر ، صفحہ:353۔

يتي خور ۽ شراب جي عادي کان بہ بُرو آهي.

نصيب تيرے کرم سے چمک اُٹھا یارَبّ!
جہاں میں پھر مہِ رمضان آگیا یارَبّ!
ہے لاکھ لاکھ ترا شکر پھر دیا رمضان
کرم سے ذوقِ عبادت بھی ہو عطا یارَبّ![1]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## روزي جا فائدا ۽ ثوابَ

قرآنِ ڪريم ۽ حديثن ۾ روزا رکڻ جا ڪوڙ فضائل بيان ٿيا آهن: مثال طور روزا رکڻ وارن ۽ روزا رکڻ وارين جي لاءِ الله پاڪ بخشش ۽ وڏو ثواب تيار ڪري رکيو آهي.[2] ❁ حديثِ پاڪ ۾ آهي: جنّت ۾ هڪ دروازو آهي جنهن مان صرف روزيدار ئي داخل ٿيندا.[3] ❁ ماهِ رمضان جو روزو گذريل گناهن جو ڪفارو آهي.[4] ❁ روزو جهنّم کان بچاءُ جو مضبوط قلعو آهي[5] ❁ روزو قيامت جي ڏينهن روزيدار جي لاءِ شفاعت ڪندو[6] ❁ رمضان مهيني جو هڪ بہ روزو خاموشيءَ سان رکڻ واري جي لاءِ جنّت ۾ سبز زبرجد يا ڳاڙهي ياقوت جو گهر ٺهرايو ويندو[7] ❁ روزيدار جو سمهڻ ان جي عبادت ۽ ان جي خاموشي تسبيح شُمار ٿيندي آهي.[8] ❁ افطار جي وقت روزيدار جي دعا ردّ ناهي ڪئي ويندي.[9]

---

[1] وسائل فردوس، صفحہ:26۔
[2] پارہ:22 ، سورۃ احزاب :35
[3] بخاری، کتاب الصوم، باب الریان للصائمین ، صفحہ:502،حدیث:1896ملتقطاً۔
[4] صحیح ابن حبان، کتاب الصوم، باب فضل رمضان، صفحہ:957، حدیث:3433 ملتقطاً ۔
[5] شعب الایمان،باب فی الصیام،جلد:3،صفحہ:289، حدیث:3571۔
[6] مستدرک، کتاب فضائل القرآن، باب الصیام والقرآن، جلد:2،صفحہ:255، حدیث:2080۔
[7] معجم اوسط،جلد:1صفحہ:479 ، حدیث:1768۔
[8] شعب الایمان، باب فی الصیام ، جلد:3صفحہ:415، حدیث:3938۔
[9] شعب الایمان، باب فی الصیام،جلد:3صفحہ:407 ، حدیث:3903۔

۞ روزو رکڻ سان صحت ملندي آهي.[1] ۞ جيڪڏهن روزيدار لَا اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ يا سُبحٰنَ اللّٰهِ يا اَللّٰهُ اَكبَرُ پڙهندو آهي تہ 70 هزار ملائڪ سج لهڻ تائين ان جو ثواب لکندا رهندا آهن.[2]

سُبحٰنَ اللّٰهِ! پيارا اسلامي ڀائرو! اندازو لڳايو! روزو رکڻ جون ڪهڙيون برڪتون آهن؟ مسمانن جي هڪ تعداد آهي جيڪي رمضانُ المبارڪ جا روزا ناهن رکندا، ڪو موسم جو بهانو ٺاهيندو آهي تہ گرمي گهڻي آهي، ان ڪري روزا نہ ٿا رکجي سگهن، ڪنهن کي ڪمائڻ جو فڪر آهي، ڪو چوندو آهي: حلال رزق بہ تہ عبادت آهي، روزو رکنداسين تہ ڪم نہ ٿي سگهندو، ڪم نہ ٿيندو تہ ڪٿان کائينداسين؟ وغيره وغيره. اڄ دل کي تسلي ڏيڻ جي لاءِ شايد هي بهانا ڪم اچي وڃن پر قيامت جي ڏينهن ڇا بڻبو؟ قيامت جي ڏينهن حشر جي ميدان ۾ ڪيتري گرمي هوندي! سج سوا ميل تي باھ وَسائي رهيو هوندو، ٽامي (*Copper*) جي ٽهڪندڙ زمين هوندي، دماغ اُبري رهيا هوندا، پگهر وهي رهيو هوندو، ڪنهن جي گوڏن تائين پگهر هوندو، ڪنهن جي چيلھ تائين پگهر هوندو، ڪو سيني تائين پنهنجي ئي پگهر ۾ ٻُڏل هوندو ۽ ڪو پنهنجي ئي پگهر ۾ غوطا کائي رهيو هوندو، ان شديد گرمي ۾ روزيدارن جا اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! مزا ئي مزا هوندا.

تراویح اور نمازوں میں کمی ہوگی نہ روزوں میں
کرو مل کر یہ نیّت ماہِ رمضان آنے والا ہے

نبی کے عشق میں رووَں، مدینے کے لئے تڑپوں
خُدا دے سوز و رِقَّت ماہِ رمضان آنے والا ہے

رہوں قائم میں توبہ پر، خُدایا فضل ایسا کر
گُناہوں سے دے نفرت ماہِ رمضان آنے والا ہے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

---

[1] معجم اوسط،جلد:6،صفحه:147، حديث:8312۔
[2] شعب الايمان، باب في الصيام ، جلد:3،صفحه:299،حديث:3591۔

## (2): نفس ڪشي جي فضيلت

اي عاشقانِ رسول! اسان حضرت مالڪ بن دينار رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ جو واقعو ٻڌوءِ ٿورو غور فرمايو! اسان جا بزرگانِ دين رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہِم الله پاڪ جا نيڪ ٻانها نفس کي ڪهڙيءَ طرح ماريندا هئا، حضرت مالڪ بن دينار رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ نفس جي خواهش کي روڪڻ جي لاءِ 40 سالن تائين کُجور نہ کاڌي، پوءِ 40 سالن کان بعد کُجور کائڻ جو ارادو بہ فرمايو تہ نفس کان فِيس وٺندي پهريان هڪ هفتو نفل روزا رکيائون.

سُبْحٰنَ اللّٰہ! مالڪ بن دينار رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ جي نفس ڪشي جي ڇا ڳالهه ڪجي! پاڻ ڪيئي سالن تائين ڪا مزيدار شيءِ نہ کاڌي. عام طور ڏينهن جو روزو رکي ڪري خُشڪ مانيءَ سان افطار جو معمول هو. هڪ ڀيري نفس جي خواهش تي گوشت خريد ڪيائون، رستي ۾ سونگهيائون ۽ فرمايائون: اي نفس! گوشت جي خوشبو سونگهڻ ۾ بہ تہ لُطف آهي! بَس هن کان وڌيڪ هِن ۾ تنهنجو حصو ناهي. هي چئي ڪري اهو گوشت هڪ فقير کي ڏئي ڇڏيائون. پوءِ فريائون: اي نفس! مان توکي ڪنهن دشمني جي ڪري تڪليف نہ ٿو ڏيان مان تہ صرف ان ڪري توکي صبر جو عادي بڻائي رهيو آهيان تہ جيئن رضاءِ الٰهي جي لازوال دولت نصيب ٿي وڃي.[1]

## تزڪيهِ نفس جي فضيلت

پيارا اسلامي ڀائرو! تزڪيهِ نفس يعني نفس جي پاڪائي، نفس کي سڌارڻ، ان کي بُرن عقيدن کان بچائي ڪري سُنن ۽ دُرست اسلامي عقيدن جو پابند بڻائڻ، بُريون عادتون ڇڏرائي ڪري سُنين عادتُن جو عادي بڻائڻ، گناهہ ڇڏرائي ڪري عبادت تي لڳائي ڇڏڻ، باطني بيمارين مثال طور: رياڪاري، خود پسندي،

[1] تذكرةُ الاولياء ،صفحه:33.

حسد، تڪبر، دنيا جي محبت، حرص ۽ بخل وغيره کان نفس کي پاڪ ڪرڻ نهايت فضيلت وارو ڪم آهي. قرآن ۾ آهي:

جَنّٰتُ عَدْنٍ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ خٰلِدِيْنَ فِيْهَا ؕ وَ ذٰلِكَ جَزٰٓؤُا مَنْ تَزَكّٰى ﴿۷۶﴾
(سيپارو: 16، سورة طه: 76)

ترجمو ڪنزالعرفان: هميشه رهڻ جا باغ آهن جن جي هيٺان نهرون وهن ٿيون، هميشه ان ۾ رهندا ۽ هي انعام آهي ان جو جيڪو پاڪ ٿيو.

الله! الله! معلوم ٿيو: جيڪو ايمان ۽ نيڪ اعمال جي ذريعي نفس کي پاڪ صاف ڪري، سُنن اخلاقن، سُنين عادتن جو عادي بڻائي ان جي لاءِ جنّت جا باغ آهن، جن جي هيٺان نهرون وهي رهيون هونديون.

عبادت میں گزرے مری زندگانی | کرم ہو کرم یا خدا یا الٰہی!

## تزڪيهءِ نفس بعثت جو بنيادي مقصد آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان جا آقا ۽ مولا، مڪي مدني مصطفٰي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ دنيا ۾ تشريف وٺي آيا، سندن تشريف وٺي اچڻ جي بنيادي مقصدن مان هڪ مقصد تزڪيهءِ نفس به آهي، الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ فرمائي ٿو:

كَمَآ اَرْسَلْنَا فِيْكُمْ رَسُوْلًا مِّنْكُمْ يَتْلُوْا عَلَيْكُمْ اٰيٰتِنَا وَيُزَكِّيْكُمْ
(سيپارو: سورة بقرة: 151)

ترجمو ڪنزالعرفان: جيئن ته اسان توهان جي وچ ۾ توهان مان هڪ رسول موڪليو جيڪو توهان تي اسان جون آيتون تلاوت فرمائيندو آهي، ۽ توهان کي پاڪ ڪندو.

مشهور مفسرِ قرآن، حڪيمُ الامّت مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: جسماني، روحاني خيالن وغيره جي مڪمل پاڪي کي تزڪيهءِ نفس

چوندا آهن.[1] آيتِ ڪريمه جي هڪ معنيٰ هي به آهي اي انسانو! اسان جا محبوبصَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ توهان جي جسمن کي ظاهري گندگين کان پاڪ فرمائيندا آهن توهان کي پاڪي جا طريقا سيکاريندا آهن ۽ توهان جي دلين کي خراب اخلاقن ۽ عيبن کان ۽ خيالن کي ڪفر ۽ شرڪ کان صاف فرمائيندا آهن.[2]

## ڪاميابي جو اصل مِعْيار

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان وٽ ماڻهن پنهنجي پنهنجي لحاظ سان ڪاميابي جا مختلف مِعِيار مقرر ڪري رکيا آهن، ڪنهن جي ويجهو مالدار ٿي وڃڻ ڪاميابي آهي، ڪنهن جي ويجهو شهرت ملي وڃڻ ڪاميابي آهي، ڪو منصب ۽ عهدو ملي وڃڻ کي ڪاميابي سمجهندو آهي، مطلب ته: هر هڪ ڪاميابي جا جدا جدا معيار مقرر ڪيو وينو آهي ۽ هر ڪو پنهنجي معيار جي مطابق ڪاميابي جي پنيان ڀڄي رهيو آهي پر اصل ڪاميابي جو معيار ڇا آهي؟ اسان جو مالڪ ۽ خالق، اسان جو پيارو الله پاڪ جنهن هي دنيا بڻائي، اسان کي پيدا ڪيو، هن دنيا ۾ اسان کي آباد ڪيو، ان ربِّ ڪائنات وٽ ڪاميابي جو معيار ڇا آهي؟ اچو! قرآني آيتون پڙهو! الله پاڪ سيپارو: 30، سورتُ الشَّمس ۾ 7 قِسم ذڪر ڪري فرمايو:

قَدۡ اَفۡلَحَ مَنۡ زَكّٰىهَا ۙ﴿۹﴾ وَ قَدۡ خَابَ مَنۡ دَسّٰىهَا ﴿ؕ۱۰﴾

(سيپارو: 30، سورة شمس: 9_ 10)

ترجمو ڪنزالعرفان: بيشڪ جنهن نفس کي پاڪ ڪري ورتو اهو ڪامياب ٿي ويو ۽ جنهن نفس کي گناهن ۾ لِڪائي ڇڏيو اهو ناڪام ٿي ويو.

معلوم ٿيو: ❁ ڪاميابي جو معيار عزّت ۽ شهرت ناهي ❁ ڪاميابي جو معيار مال ۽ دولت، عيش و آرام، بلند منصب نه بلڪ ڪاميابي جو معيار ڇا آهي؟

[1] تفسير نعيمي،پاره:1،سورهٔ بقره،زير آيت :129،جلد:1،صفحه:739 ـ

[2] تفسير نعيمي ،پاره :2،سورهٔ بقره،زير آيت:151،جلد:2،صفحه:65ـ

تزڪيءِ نفس...!! اهو شخص ڪامياب آهي جنهن پنهنجي نفس کي پاڪ ڪيو، پنهنجي نفس کي بُري عقيدن، بُرن اخلاقن، بُري عادتن ۽ باطني بيمارين کان پاڪ ڪري ورتو ۽، جنهن پنهنجي نفس کي پاڪ نہ ڪيو، اهو جيتوڻيڪ دنياوي اعتبار سان ڪيتري ئي بُلندي تي ڇو نہ پهچي وڃي، اهو ڪامياب ناهي، حقيقت ۾ ناڪام ئي آهي.

## بادشاهہ يا غلامن جو غلام

پيارا اسلامي ڀائرو! ڳالھ نهايت آسان ۽ سمجھ ۾ اچڻ واري آهي، جيڪو غلامي جي زنجيرن ۾ جڪڙيل هجي، اهو توڙي جو ڪيترا بہ پيسا ڪمائي وٺي، جيتري بہ بُلند منصب تي پهچي وڃي، جڏهن اهو آهي ئي غلام تہ اهو حقيقت ۾ ڪامياب نہ ٿو چورائي سگهي. ڪاميابي جي ابتدا ئي آزادي کان ٿيندي آهي. هاڻي ٿورو سوچيو! نفس جي غلامي کان وڌيڪ ڪھڙي غلامي ٿي سگهي ٿي. هڪ نيڪ بزرگ هو، ڪنهن بادشاهہ انهن کي چيو: بابا جي! جيڪو گهرڻ چاهيو ٿا گهرو؟ فرمايائون: مان پنهنجي غلامن جي غلام کان ڪجھ نہ ٿو گُهران، بادشاهہ وڏو حيران ٿيو، چيائين: مان اوهان جي غلامن جو غلام ڪيئن؟ مان تہ بادشاهہ آهيان. نيڪ بزرگ فرمايو: لالچ ۽ خواهش منهنجا غلام آهن ۽ تون انهن جو غلام آهين، لهٰذا منهنجي غلامن جو غلام ٿئين.

اصل ۾ سڀ کان بُري غلامي اها ئي آهي تہ ماڻهو پنهنجي نفس جو غلام ٿي وڃي، لهٰذا کو چاهي سڄي دنيا فتح ڪري، جيڪڏهن ان پنهنجي نفس کي فتح نہ ڪيو، حرص ۽ هَوس تي قابو نہ پاتائين، پنهنجي اندر مان حسد، تڪبر، غرور ۽ خود پسندي جهڙي نانگ وڇُوئن کي نہ مارِيائين، اهو ڪامياب ناهي، حقيقت ۾ غلام آهي.

الله پاڪ اسان کي نفس جي غلامي کان آزادي نصيب فرمائي، ڪاش! اسان

نفس ۽ شيطان کان بچي ڪري صرف ۽ صرف الله ۽ رسول جي فرمانبرداري اختيار ڪيون.

اٰمِين بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

مُحیط دل پہ ہوا ہائے نفسِ امّارہ
دماغ پر مِرے ابلیس چھا گیا یاربّ!
رہائی مجھ کو ملے کاش! نفس و شیطاں سے
ترے حبیب کا دیتا ہوں واسطہ یاربّ!

## نفس هر بُرائي جو نڪاٽو آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! تزڪيهءِ نفس (يعني نفس کي سڌارڻ جي ڪوشش جاري رکڻ) نهايت ضروري آهي. حجةُ الاسلام امام محمد بن محمد غزالي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: نفس شيطان کان بہ وڏو دشمن آهي، شيطان کي خواهشاتِ نفس جي ذريعي ئي انسان تي غلبو حاصل ٿيندو آهي، تنهنڪري جيڪڏهن توهان نفس جي رضا ۾ ان جي خواهشات جي پيروي ڪندؤ تہ هلاڪ ٿي ويندؤ، جيڪڏهن خواهشات تي غور ۽ فڪر ڪرڻ کان غافل رهندؤ تہ گناهن جي سمنڊ ۾ غرق ٿي ويندؤ، توهان جو نفس توهان کي جهنّم ڏانهن ڇڪي ڪري وٺي ويندو، ياد رکو! نفس مصيبتن جي پاڙ، شرمندگي جي کاڻ، ابليس جو خزانو ۽ هر بُرائي جو نڪاٽو آهي.[1]

## نفس جهنّم ۾ وڃڻ جو سبب بہ ٿي سگهي ٿو

مڪاشفةُ القلوب ۾ آهي: حضرت ابوالحسن رازي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي ويجهي رشتيدار جو انتقال ٿي ويو، ان جي مرڻ کان بعد حضرت ابو الحسن رازي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ان کي خواب ۾ هن حال ۾ ڏٺو تہ ان جي جسم تي جهنّمي لباس هو. پاڻ پڇيائون: هي ڇا آهي؟ مان توهان کي جهنّمين جي لباس ۾ ڏسي رهيو آهيان؟ مرڻ واري

[1] مڪاشفة القلوب مترجم ،صفحه:46خلاصةً ۔

چيو: مون کي منهنجو نفس جهنّم ۾ وٺي ويو، توهان ان جي ڏوکي ۾ ڪڏهن به نہ اچجو...!![1]

سرورِدیں لیجے اپنے ناتوانوں کی خبر | نفس و شیطاں سیّدا! کب تک دباتے جائیں گے[2]

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## نفس کي پاڪ ڪيئن ڪيون؟

اي عاشقانِ رسول! تزڪيہءِ نفس يعني (نفسِ امّاره کي سڌارڻ جا طريقا) تمام ضروري آهي، نہ تہ هي ظالم نفس اسان کي هن دنيا جي فاني لذّتن ۾ ڦاسائي ڪري، گناهن جو عادي بڻائي ڪري، نافرمانين جي واٽن تي هلائي اسان کي جهنّم جي وڏي کڏ ۾ ڪِيرائي ڇڏيندو، ان ڪري هيٺئر موقعو آهي، اسان پنهنجا عيب ڳولڻ، ٻين جي اخلاق ۽ ڪردار مان عيب ڪڍڻ جي بدران، پاڻ تي توجهہ ڏيون ۽ پاڻ کي سڌارڻ جي ڪوشش ۾ لڳي وڃون.

نِہنگ و اَژدہا و شیرِ نَر مارا تو کیا مارا | بڑے مُوذی کو مارا نفسِ اَمّارہ کو گر مارا

وضاحت: نفسِ اَمّاره يعني گناهن تي اڀارڻ وارو. مگرمچ، نانگ ۽ شينهن مارڻ ڪا وڏي ڳالهہ ناهي وڏو ڪم تہ نفسِ امّاره کي مارڻ يعني گناهن کان بچڻ آهي.

## افضل ترين عمل

حضرت ابو سُليمان داراني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: نفس جي مخالفت افضل ترين عمل آهي.[3]

اللہ اللہ کے نبی سے | فریاد ہے نفس کی بدی سے
ایمان پہ موت بہتر او نفس | تیری ناپاک زندگی سے

[1] مڪاشفة القلوب مترجم،صفحه:51-52خلاصةً ـ
[2] حدائق بخشش ،صفحه:155ـ
[3] ڪشَفُ المَحْجوب، صفحه:209ـ

# نفس جو زور ٽوڙڻ جو بهترين موسم

پيارا اسلامي ڀائرو! الله پاڪ جو وڏو ڪرم آهي جو ان اسان گناهگارن کي ماهِ رمضان جي نعمت عطا فرمائي آهي، ماهِ رمضان نفس جي سگهه ٽوڙڻ جو بهترين موسم آهي. جيڪڏهن اسان صحيح معنيٰ ۾ رمضانُ المبارڪ جو قدر ڪيون، جهڙيءَ طرح ماهِ رمضان گذارڻ گهرجي، اهڙيءَ طرح گذارڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃون ته اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! نفسِ اَمّاره (يعني بُرائي تي اڀارڻ واري نفس) جو زور ٽٽي ويندو ۽ الله پاڪ چاهيو ته باطن صاف سٿرو چمڪدار ٿي ويندو.

رمضانُ المبارڪ ڪيئن گذارڻ گهرجي؟ ❁ غفلت کان بچندي رمضانُ گذاريو! ❁ ڪوشش ڪيو ته ماهِ رمضان جي هڪ هڪ گهڙي ڪهڙي نه ڪهڙي انداز ۾ عبادت ۾ گذري، ڪڏهن تلاوت ٿي، ڪڏهن ذڪر ۽ دُرود، پنج نمازون باجماعت تڪبيرِ اوليٰ سان ادا ٿين، تهجد، اشراق ۽ چاشت ۽ اوّابين جا نوافلَ به نه ڇڏجن، هلندي ڦرندي، اٿندي ويهندي زبان ذڪر ۽ دُرود سان تَر رهي ❁ دعائون گهرڻ جو مهينو آهي، خوب ڪثرت سان دعائون گهرو! پنهنجي، پنهنجي اهلِ خانه جي، مائٽن مٽن بلڪ تمام اَمّتِ مُسلمه جي مغفرت جون دعائون ڪيو! نفس جو زور ٽُٽي، شيطان کان جان ڇٽي، دل صاف سٿري چمڪدار ٿي وڃي، نيڪين ۾ دل لڳي، گناهن کان نفرت ٿي وڃي، الله پاڪ کان هي خيراتون گهرو! ❁ تمام روزا رکو! ❁ خوب ذوق ۽ شوق سان نمازِ تراويح اهي به پوريون 20 رڪعتون ادا ڪيو! ❁ خوب دل لڳائي ڪري قرآنِ ڪريم جي تلاوت ڪيو! ❁ بلڪ ماهِ رمضان نزولِ قرآن جو مبارڪ مهينو آهي، قرآنِ ڪريم کي سمجهڻ جي به ڪوشش ڪيو! ان جي لاءِ تفسيرِ قرآن صراطُ الجنان پڙهو! جديد ۽ نهايت ئي آسان اردو زبان ۾ لکيل بهترين تفسير آهي، ان ۾ آسان ترجمهءِ قرآن ڪنزالعرفان به شامل آهي، قرآنِ ڪريم جو لفظي ترجمو سکڻ،

سمجهڻ جي لاءِ معرفةُ القرآن پڙهو! تفسيرِ صراطُ الجنان ۽ معرفةُ القرآن جي موبائل ايپليڪيشن بہ موجود آهي، پنهنجي موبائل ۾ هي ٻئي ايپليڪيشنز انسٽال ڪيو! ان ڪان فائدو کڻو ۽ نورِ قرآن سان سينو روشن ڪندا وڃو! ماهِ رمضان جي هڪ خاص عبادت اعتڪاف ڪيو! اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! ڪرم ئي ڪرم ٿيندو.

## اجتماعي اعتڪاف جي ترغيب

اي عاشقانِ رسول! اعتڪاف پُراڻي عبادت آهي، پهريان جي اُمّتن ۾ بہ اعتڪاف جي عبادت هئي. 2023ء جي رمضانُ المبارڪ ۾ دعوتِ اسلامي اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! پوري مهيني جو 23 مقامن تي ۽ آخري ڏهاڪي جو 13500 کان وڌيڪ مقامن تي اعتڪاف ڪرائڻ جو عزم رکي ٿي. توهان بہ سڄي رمضان مهيني يا گهٽ ۾ گهٽ آخري ڏهاڪي جي اجتماعي اعتڪاف جي نيّت ڪري وٺو!

اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! رمضانُ المبارڪ مهيني ۾ گناهن کان بچڻ، نيڪيون ڪرڻ، نفلي عبادت جو شوق وڌڻ سان گڏوگڏ تمام گهڻو علمِ دين سکڻ جي لاءِ ملندو.

## تزڪيهءِ نفس جا 3 طريقا

حجةُ الاسلام امام محمد بن محمد غزالي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه تزڪيهءِ نفس يعني نفسِ اَمّاره جو زور ٽوڙڻ، ان کي سڌارڻ جا 3 بهترين طريقا ارشاد فرمايا آهن. جيڪڏهن اسان رمضانُ المبارڪ ۾ تزڪيهءِ نفس جا هي 3 طريقا پاڻ تي نافذ ڪري وٺون تہ اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! نفسِ امّاره سڌرندو ۽ الله پاڪ چاهيو تہ باطن جي پاڪيزگي نصيب ٿيندي.

امام غزالي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: اسان جي عُلماءِ ڪرام رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهم فرمايو: 3

شين جي مدد سان نفسِ امّاره جو زور ٽوڙي سگھجي ٿو: (1) خواهشن کان رڪجڻ (2): نفس تي عبادتن جو وزن وجهڻ (3): الله پاڪ کان مدد گهرڻ.[1]

## (1): خواهشن کان رڪجڻ

نفس جي وڏي بُرائي اها ئي آهي ته هي خواهشون پاليندو آهي، جيڪڏهن اسان نفس جون خواهشون پوريون ڪرڻ ڇڏي ڏيون ته ان جو زور ازخود ٽُٽندو ويندو. حضرت جنيد بن محمد خزاز رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: هڪ ڀيري مان رات جو جاڳيس ۽ پنهنجي وظيفي ۾ مشغول ٿي ويس. پر مون ان ۾ اها لذت محسوس نه ڪئي جيڪا پهريان محسوس ڪندو هيس بهرحال مون سمهڻ جو ارادو ڪيو پر سمهي نه سگهيس، وري ويهڻ جو ارادو ڪيم پر ويهي به نه سگهيس آخرڪار ٻاهر نڪتس ته، ڇا ٿو ڏسان هڪ شخص ڪمبل ۾ ويڙهيل رستي تي پيل آهي، جڏهن ان کي منهنجي اچڻ جي خبر پئي ته چوڻ لڳو: اي ابو قاسم! ٿورو مون ڏي تشريف ڪٽي اچو. مون چيو: اي محترم! اوهان اچڻ جي ڪا اطلاع نه ڏني. ان شخص چيو: جي ها! مون الله پاڪ جي بارگاه ۾ التجاء ڪئي ته اهو تنهنجي دل کي منهنجي طرف متوجه ڪري. مون چيو: اها تنهنجي طرف متوجه ٿي وئي آهي. (هاڻي ٻڌايو) اوهان جي ڪهڙي حاجت آهي؟ ان چيو: نفس جي بيماري ان (نفس) جو علاج ڪڏهن بڻجندي آهي؟ مون چيو: جڏهن تون نفس جي خواهش ۾ ان جي مخالفت ڪرين. تڏهن اهو پنهنجي نفس جي طرف متوجه ٿي ڪري چوڻ لڳو: **اي نفس! هاڻي ٻڌي ورتي! مون توکي ست ڀيرا هن ڳالھ جو جواب ڏنو پر تو انڪار ڪيو ۽ چيو: مان حضرت جنيد** رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه **کان ئي ٻڌندس (ته هاڻي تو ٻڌي ورتو؟)** پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: ته اهو شخص هليو

[1] منہاج العابدین،صفحہ: 143ملتقطاً ۔

ويو ۽ مان ان کي سجاڻي نہ سگھيس.[1]

هي آهي تزڪيہءِ نفس جو سيني کان موثر طريقو...!! نفس جي خواهشن کان رڪجي وڃو. جيڪڏهن اسان هي ڪنداسين تہ ڇا ملندو؟ الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| وَاَمَّا مَنْ خَافَ مَقَامَ رَبِّهٖ وَنَهَى النَّفْسَ عَنِ الْهَوٰىۙ فَاِنَّ الْجَنَّةَ هِيَ الْمَاْوٰىؕ (سيپارو: 30، سورة نازعات: 40_ 41) | ترجموڪنزالعرفان: ۽ رهيو اهو جيڪو پنهنجي ربّ جي حضور بيهڻ کان ڊنو ۽ نفس کي خواهشن کان روڪيو تہ جنّت ئي ان جو ٺڪاڻو آهي. |

هي 2 ڳالهيون آهن: (1): ٻانهو الله پاڪ جي حضور حاضر ٿيڻ کان ڊڄندو آهي، اهو خوف ان کي دل ئي دل ۾ تڙپائيندو رهندو آهي تہ هاءِ! هن ڏينهن مرڻو آهي، اونداهي قبر ۾ لهڻو آهي، پوءِ قيامت جي ڏينهن اٿڻو بہ آهي، هاءِ! ميدانِ محشر... اها ٽامي جي ٿهڪندڙ زمين... ٻاهه وَسائيندڙ سج.... قهر سامهون هوندو، اعمال نامہ کُلي رهيا هوندا، ان حالت ۾ الله پاڪ جي حضور حاضري ٿيندي، منهنجي زندگي جو هڪ هڪ عمل سامهون هوندو، ان وقت منهنجو ڇا ٿيندو؟ اهو خوف تڙپائي رهيو آهي (2): ۽ ٻي ڳالهہ: ماڻهو پنهنجي نفس کي خواهشن کان روڪيندو رهي. هي بہ ڪم ڪنداسين تہ ڇا ملندو؟ الله پاڪ فرمايو:

| | |
|---|---|
| فَاِنَّ الْجَنَّةَ هِيَ الْمَاْوٰىؕ (سيپارو: 30، سورة نازعات: 41) | ترجموڪنزالعرفان: تہ جنّت ئي ان جو ٺڪاڻو آهي. |

جنّت ملندي. واه...!! ڪيڏي زبردست فضيلت آهي...!! اسان کي ڪجهہ هزار روپيا ڪمائڻا هجن تہ سڄو ڏينهن محنت ڪندا آهيون، ڪم، ڪم، بَس ڪم

[1] لباب الاحياء، صفحہ:217۔

متي تي سوار هوندو آهي، تڏهن وجي ڪجهه سؤ يا ڪجهه هزار روپيا ملندا آهن. الله پاڪ جي رحمت تي قربان وڃو! ڪم ڇا آهي؟ نفس کي خواهشن کان روڪڻو آهي، هي ڪنداسين ته ڇا ملندو؟ جنّت جون هميشه رهڻ واريون نعمتون، نه ختم ٿيڻ واري زندگي...!!

وه تونہایت سستا سودا بیچ رہے ہیں جنّت کا | ہم مفلس کیا مول چُکائیں اپنا ہاتھ ہی خالی ہے [1]

## مريض خود طبيب بڻجي ويو

منقول آهي، حضرت خواجه نظامُ الدّين اولياء رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه سخت بيمار ٿي پيا. مريدن عرض ڪيو، حضور هتي هڪ پنڊِت ڦيٿو رکندو آهي ان جو علاج تمام گهڻو مشهور آهي جيڪڏهن حڪم ڏيو ته ان وٽ هلون. فرمايائون مان علاج جي لاءِ غير مُسلم وٽ نه ويندُس. مرض ويتر وڌڻ لڳو ۽ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه بي هوش ٿي ويا، مريد انهيءَ پنڊِت وٽ ڪٺي ويا ان قوڪ هنئين ته پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي هوش اچي ويو ۽ تندرست ٿي ويا. سندن پنهنجو پاڻ کي صحتياب ڏٺو، ته پنڊِت کي ڏسي ڪري پڇيائون، توکي علاج ۾ هي ڪمال ڪيئن حاصل ٿيو؟ چيائين، منهنجي گُرو (يعني استاد) مون کان واعدو ورتو هو ته نفس جيڪو چئي ان جي برخلاف ڪجانءِ. لهٰذا جڏهن ٿڌو پاڻي پيئڻ جي خواهش ٿيندي آهي ته گرم پيئندو آهيان، چانورَ کائڻ تي دل چوندي آهي ته ماني کائي وٺندو آهيان هن طرح نفس جو ابتڙ ڪندو رهڻ سان مون ۾ هيءَ قوت پيدا ٿي چڪي آهي. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمايائون، هي ٻڌاءِ، توهان جو نفس مسلمان ٿيڻ جي اجازت ڏئي ٿو يا نه؟ چيائين منع ڪري ٿو، فرمايائون، هي مسلمان ٿيڻ کان منع ڪري ٿو ته توهان جي اصول جي مطابق توهان کي ان جو ابتڙ ڪندي مسلمان ٿي وڃڻ گهرجي. هي ڳالهه پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ڪجهه اهڙي انداز ۾ ارشاد فرمائي جو تاثير جو تير بڻجي ڪري ان جي دل ۾ لهي وئي ۽ اهو بي اختيار پڪارڻ لڳو، مان

---

[1] حدائق بخشش، صفحه:186-

پنهنجي ڪفر کان توبھ ڪري مسلمان ٿيان ٿو ۽ پڙهيائين، لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللّٰهِ صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سُبْحٰنَ اللّٰـه! ان حضرت خواجه نظامُ الدّين اولياء رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جو ظاهري علاج ڪيو ۽ پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه سندس احسان جو بدلو ڏيندي ان جي باطن جو علاج ڪري ڇڏيو، ان پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي جسم جو علاج ڪيو، پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه ان جي روح جو علاج ڪري ڇڏيو، ان ظاهري بيماري ختم ڪئي پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه ان جي باطني يعني ڪُفر جي بيماري کي ختم ڪري ڇڏيو![1]

نگاہِ ولی میں وہ تاثیر دیکھی | بدلتی ہزاروں کی تقدیر دیکھی

## نفس جي مخالفت ڪھڙن ڪمن ۾ ڪرڻ گھرجي

حضور غوثِ اعظم شيخ عبدُالقادر جيلاني رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: جيڪڏھن ڪاميابي چاھيو ٿا تہ پنھنجي ربَّ ڪريم جي اطاعت ۾ نفس جي مخالفت ڪيو! جيڪڏھن نفس ربَّ ڪريم جي اطاعت (يعني نيڪ اعمال) جي خواھش ڪري تہ اھڙي خواھش پوري ڪري ڇڏيو ۽ جيڪڏھن ربَّ ڪريم جي نافرماني جي خواھش ڪري تہ ان کان رڪجي وڃو...!![2]

نفس و شیطاں پر مجھے غلبہ عطا کر یاخُدا! | اُس علی کا واسطہ دیتاہوں جو ہے تیرا شیر

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## (2): نفس تي عبادت جو وزن وجھو!

پيارا اسلامي ڀائرو! تزڪيہءِ نفس جي لاءِ جيڪا بہ شيءِ نهايت ضروري آھي، اھا ھي آھي تہ نفس تي عبادت جو وزن وڌو وڃي. نفس فطرتي طور تي سُستي ۽ لذت پسند آھي، اھو عبادت تي مائل نہ ٿيندو، البت اسان کي گھرجي

[1] فيضان سنت،صفحہ:736-738۔
[2] الفتح الربانی، ص:160۔

اسان نفس کي قابو ۾ رکون، ان جي مخالفت کندي عبادت ۾ مشغول ٿي وڃون ❁ پنج نمازون باجماعت ادا ڪيون ❁ ان سان گڏوگڏ نوافل بہ ادا ڪيون ❁ تهجد بہ پڙهون ❁ اشراق ۽ چاشت ۽ اوّابين جا نوافل بہ پڙهون ❁ ذڪر ۽ دُرود بہ پڙهون ❁ ڪثرت سان تلاوت بہ ڪيون ❁ مطلب تہ: جيترو ٿي سگهي بَس عبادت جي طرف دل لڳائي رکون، شروع ۾ ڪجھ مشڪل ٿيندي، پوءِ اِنْ شَآءَ الله الْكَرِيْم! آهستہ آهستہ نفس عادي ٿي ويندو ۽ عبادت ۾ لذت ملڻ شروع ٿي ويندي، پوءِ نفس پاڻ ئي عبادت جي طرف مائل رهندو.

## بزرگن جي عبادت جو انداز

اسان جا اسلاف (يعني الله پاڪ جا نيڪ بانها جيڪي متقي هئا، پرهيزگار هئا) انهن کي بَس آخرت جو فڪر رهندو هو ۽ اهي هر وقت موت جي تياري ۾ ئي مصروف رهندا هئا ❁ خواجہ سِرّي سَقطي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه 98 سال دنيا ۾ تشريف فرما رهيا، نزع جي وقت کان علاوه ڪنهن بہ ڪين ڪڏهن ليٽيل نہ ڏٺو، هميشہ عبادت ڪندا هئا، ❁ محمد جرير رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هڪ سال مڪي شريف ۾ رهيا، نہ سُتا، نہ چيلھ سِڌي ڪيائون، نہ پيرَ ڊگهيڙيائون ❁ اويس قرني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه نمازِ فجر پڙهي ڪري ذڪرُ الله شروع ڪندا هئا، ظهر ٿي ويندي هئي، ظهر کان بعد وري ذڪرِ الٰهي ۾ مصروف ٿي ويندا هئا، ايستائين جو عصر ٿي ويندي هئي، عصر کان مغرب تائين، مغرب کان عشاء تائين، عشاء کان وري فجر تائين ويهي ڪري ذڪرالله ئي ڪندا رهندا هئا ❁ حضرت ابوبڪر عياش رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه روزانو 30 هزار ڀيرا سورة اخلاص پڙهندا، روزانو 500 نوافل پڙهندا، ڏينهن ۾ ڪيئي ڀيرا ختمِ قرآن ڪندا هئا ❁ امامِ اعظم، ❁ امام ابو حنيفہ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه 40 سال عشاء جي وضو سان فجر جي نماز ادا ڪئي، هر رات 2 رڪعتن ۾ قرآنِ ڪريم ختم ڪندا هئا.[1]

[1] جواہِرَ البيان، صفحہ:32- 33ملتقطاً ـ

## عبادت ڪرڻ ۾ بہ حڪمتِ عملي اپنايو!

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان کي نفس تي وزن وجھڻو آھي، ضرور وجھڻ گھرجي، البت ان جي لاءِ حڪمتِ عملي اختيار ڪرڻ گھرجي، نہ تہ نفس نھايت سُست ڏوڪيباز ۽ جلد ٿڪجڻ وارو آھي، ائين نہ ٿئي جو جوش ئي جوش ۾ اسان ڏينھن رات عبادت شروع ڪري ڇڏيون، پوءِ ڪجھ ڏينھن کان بعد نفس ٿڪجي پئي ۽ عبادت جو سلسلو رڪجي وڃي. لھٰذا نفس تي عبادت جو وزن بہ وجھون تہ حڪمتِ عملي سان وجھون، مثال طور شروع شروع ۾ صرف ھڪ ئي قسم جي عبادت نہ ڪئي وڃي بلڪ مختلف قسمن جون عبادتون ڪيون وڃن مثال طور ڪنھن وقت نفلن جو جدول بڻايو وڃي، ڪنھن وقت دُرودِ پاڪ پڙھي ونون، ڪنھن وقت تلاوت ڪيون، ڪنھن وقت سُنين سُنين نيّتن سان ڪو ديني ڪتاب پڙھون، وچ ۾ ڪجھ وقفو بہ ڪندا رھون، پنھنجا ضروري ڪم وغيره بہ ڪندا رھون، ايئن روزانو مختلف جدول ٺاھيو وڃي، ھن طرح اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! ذوق برقرار رھندو، استقامت بہ ملندي ۽ الله پاڪ چاھيو تہ نفسِ اَمّاره جو زور ٽُٽي ئي ويندو.

## نيڪ اعمال اپنائي وٺو!

نفس تي عبادت جو وزن وجھڻ جي لاءِ ھڪ بھترين حڪمتِ عملي اھا آھي جيڪا دورِ حاضر جي عظيم علمي ۽ روحاني شخصيت شيخِ طريقت، اميرِ اھل سنت، حضرتِ علامہ مولانا محمد الياس عطّارقادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه عطا فرمائي آھي. يعني نيڪ اعمال. اسلامي ڀائرن جي لاءِ 72 نيڪ اعمال آھن، اسلامي ڀينرن جي لاءِ 63، طالبن جي لاءِ 92 ۽ ننڍن ٻارن جي لاءِ 40. ھي نيڪ اعمال اپنايو، ھن ۾ ڪافي عبادتون ملنديون، مثال طور ❁ ھن ۾ ھڪ نيڪ عمل پنج ئي نمازون باجماعت پڙھڻ جي متعلق آھي ❁ سُنين سُنين نيّتن جو نيڪ عمل

آهي ۞ هن ۾ نوافل بہ شامل آهن ۞ تلاوت ۞ ذڪر ۽ دُرود ۞ مختلف سنّتون ۞ عادتن جو سليقو ۞ مختلف آدابَ وغيره گهڻو ڪجھ آهي. جيڪڏهن اسان هي نيڪ اعمال پاڻ تي ئي نافذ ڪري ونون تہ اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! وڏي آساني سان نفسِ اَمّاره جو زور ٽوڙڻ، ان کي سڌارڻ ۾ ڪامياب ٿي وينداسين.

میں نثار ایسا مسلماں کیجے | توڑ ڈالیں نفس کا زُنّار ہم[1]

## (3): اللّٰه پاڪ کان مدد گهرندا رهو!

تزکيۂِ نفس جي لاءِ سڀ کان اهم ڳالھ جيڪا نهايت ضروري آهي اها هي آهي تہ اللّٰه پاڪ کان دعا گهرڻ هرگز نہ وساريون ڇوتہ نفسِ اَمّاره نهايت سَرڪش دشمن آهي، شيطان جيڪو پٽڪجڻ کان پهريان تمام وڏو عالِم ۽ عبادت گذار هو ۽ نهايت چالاڪ ۽ مڪار بہ آهي، نفسِ امّاره کان اهو بہ مقابلو نہ ڪري سگهيو، ان بدبخت کي بہ نفسِ امّاره ئي پٽڪائي ڪري هميشہ جي لاءِ ڪافر ۽ نامراد ڪري ڇڏيو تہ سوچيو! اسان نفسِ امّاره جو مقابلو ڪيئن ڪري سگهنداسين. لهٰذا اللّٰه پاڪ جي مدد شاملِ حال هوندي تڏهن ئي نفسِ امّاره کان آزادي ملي سگهندي. اللّٰه پاڪ جي نبي حضرت يوسف عَلَيهِ السَّلَام جو خوبصورت فرمان قرآنِ ڪريم ۾ بہ موجود آهي پاڻ فرمايائون:

| | |
|---|---|
| اِنَّ النَّفْسَ لَاَمَّارَةٌۢ بِالسُّوْٓءِ اِلَّا مَا رَحِمَ رَبِّیْ ؕ<br>(سيپارو: 13، سورة يوسف: 53) | ترجموڪنزالعرفان: بيشڪ نفس تہ بُرائي جو وڏو حڪم ڏيندڙ آهي پر جنهن تي منهنجو ربّ رحم ڪري. |

يعني نفسِ امّاره بُرائي جو گهڻو حڪم ڏيڻ وارو آهي، ان جي شرَ کان اهو ئي بچندو آهي جنهن تي اللّٰه پاڪ جو رحم ۽ فضل هوندو آهي.

[1] حدائق بخشش،صفحہ:84۔

## هڪ دعاءِ مصطفٰي

حضرت عبدُ الله بن عبّاس رَضِیَ اللّٰہُ عَنْھُما فرمائن ٿا: پيارا آقاءِ مديني وارا مصطفٰي صَلَّی اللّٰہُ عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم سورت الشّمس جون هي آيتون تلاوت ڪندا هئا:

| | |
|---|---|
| وَنَفْسٍ وَّمَا سَوّٰىهَا ۙ﴿۷﴾ فَاَلْهَمَهَا فُجُوْرَهَا وَتَقْوٰىهَا ۙ﴿۸﴾ (سيپارو: 30، سورة شمس: 7_8) | ترجموڪنزالعرفان: ۽ جان جو ۽ ان جو جنهن ان کي درست بڻايو پوءِ ان جي نافرماني ۽ پرهيزگاري جي سمجهه ان جي دل ۾ وجهي ڇڏي. |

پوءِ دعا گهرندا هئا: اَللّٰهُمَّ آتِ نَفْسِي تَقْوَاهَا أَنْتَ وَلِيُّهَا وَمَوْلَاهَا وَخَيْرُ مَنْ زَكَّاهَا[1] ترجمو: اي الله پاڪ! منهنجي نفس کي تقوٰي عطا فرماءِ، تون ئي ان جو مالڪ ۽ مولا، ۽ تون ئي ان کي بهتر پاڪيزگي عطا فرمائڻ وارو آهين.

نفس نے لذتوں میں پھنسایا
دل سے چاہت مٹا ماسِوا کی

مجھ پہ لطف و کرم ہو خدایا!
میرے مولیٰ تو خیرات دیدے!

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## 12 ديني ڪمن مان هڪ ڪم: علاقائي دورو

پيارا اسلامي ڀائرو! دل جي ڪٽ دور ڪرڻ، گناهن کان توبهه ڪرڻ ۽ نيڪ نمازي بڻجڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابسته (***Linkup***) ٿي وڃو، 12 ديني ڪمن ۾ وڌي چڙهي ڪري حصو وٺو! اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! دين ۽ دنيا جون بيشمار ڀلايون نصيب ٿينديون، 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم علاقائي دورو به آهي. اچو ترغيب جي لاءِ هڪ مدني بهار ٻڌون ٿا!

---

[1] معجم ڪبير، جلد:5،صفحه:283،حديث:11028.

## غير مسلم مسلمان ٿي ويو

پاڪستان پنجاب جي صوبي جي هڪ مبلغِ دعوتِ اسلامي جو بيان آهي، هڪ ڏينهن اسان وٽ ڪراچي کان هڪ مدني قافلو آيو، مدني قافلي وارن سان ملي ڪري مون ڪي بہ علاقائي دوري ۾ شرڪت جو شرف مليو، اسان هڪ درزيءَ جي دڪان جي ٻاهران ماڻهن کي گڏ ڪري نيڪي جي دعوت ڏئي رهيا هئاسين، جڏهن بيان ختم ٿيو تہ انهيءَ دڪان جي هڪ ملازم نوجوان چيو: مان غير مسلم آهيان. توهان حضرات جي نيڪي جي دعوت منهنجي دل تي گهرو اثر (*Effect*) ڪيو آهي، مهرباني فرمائي ڪري مون کي اسلام ۾ داخل ڪري وٺو. پوءِ الحمد لله! اهو ڪلمو پڙهي ڪري مسلمان ٿي ويو.

مقبول جہاں بھر میں، ہو دعوتِ اسلامی | صدقہ تجھے اے رَبِّ غفّار! مدینے کا

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## تجهيزءِ تڪفين ايپليڪيشن

اي عاشقانِ رسول! اڄوڪو دور ٽيڪنالوجي جو دور آهي، اَلۡحَمۡدُلِلّٰه! عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي اِسمارٽ فون (**Smartphone**) جي ذريعي بہ علمِ دين عام ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي. هن حوالي سان دعوتِ اسلامي جي *I.T* ڊيپارٽمنٽ جي طرف کان مختلف ايپليڪيشنز جاري ٿي چڪيون آهي، جنهن مان هڪ موبائل ايپليڪيشن آهي: ***Muslim's Funeral*** هن موبائل ايپليڪيشن ۾ مَيّت جي غسل ۽ ڪفن ۽ دفن وغيره جي باري ۾ اهم ترين معلومات ڏني وئي آهي ۽ هڪ خاص ڳالهہ هي آهي تہ مَيّت کي غسل ڪيئن ڏيڻو آهي؟ ڪفن ڪيئن پارائڻو آهي؟ ان جي عملي طريقي جي لاءِ ***Animated Videos*** بہ شامل آهن. توهان بہ هي موبائل ايپلي ڪيشن پنهنجي

موبائل ۾ انسٽال ڪري ونو ۽ ٻين کي بہ هن جي ترغيب ڏياريو.

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي اختتام ڏي آڻيندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ آدابِ زندگي بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪريان ٿو. تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نبوت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: مَنْ اَحَبَّ سُنَّتِی فَقَدْ اَحَبَّنِی وَمَنْ اَحَبَّنِی كَانَ مَعِی فِی الْجَنَّةِ جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.[1]

سینہ تیری سُنّت کا مدینہ بنے آقا! | جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

## سرمو پائڻ جون سنتون ۽ آداب

فرمانِ آخري نبي، رسول هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: سيني سُرمن مان بهتر سرمو اِثمد آهي جوتہ هي نگاهن کي روشن ڪندو ۽ پلڪون پيدا ڪندو آهي.[2]

اي عاشقانِ رسول! پٿر جو سرمو استعمال ڪرڻ ۾ ڪو حرج ناهي ۽ ڪارو سرمو يا ڪجَل زينت جي نيّت سان (يعني خوبصورتي جي نيّت سان) مرد کي پائڻ مڪروه آهي ۽ زينت مقصود نہ هجي تہ ڪراهت ناهي، سرمو رات جو سمهڻ وقت استعمال ڪرڻ سنّت آهي ۞ سرمو استعمال ڪرڻ جا 3 منقول طريقن جو خلاصو پيشِ خدمت آهي: (1): ڪڏهن ٻنهي اکين ۾ ٽي ٽي سرايون (2): ڪڏهن ساڄي اک ۾ ٽي سرايون ۽ کاٻي اک ۾ 2 (3) تہ ڪڏهن ٻنهي اکين ۾ ٻہ ٻہ ۽ پوءِ آخر ۾ هڪ سرائي کي سرمي واري ڪري ان کي ئي واري واري سان اکين ۾ لڳايو اهڙيءَ طرح ڪرڻ

---

[1] تاريخ مدينہ دمشق، جلد:9،صفحہ:343۔

[2] ابن ماجہ، كتاب الطب، باب الكحل بالاثمد، صفحہ:566، حديث:3497۔

سان اِنْ شَآءَ اللهُ الْکَرِیۡم! تنهي طريقن تي عمل ٿيندو رهندو.

اي عاشقانِ رسول! ادب ۽ تعظيم جا جيترا بہ کم آهن سڀ اسان جا پيارا آقا صَلَّى الله عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ساڄي پاسي کان شروع ڪندا هئا، تنهنڪري پهريان ساڄي اک ۾ سرمو پايو پوءِ کابي ۾.[1]

| | |
|---|---|
| عجب نہیں کہ لکھا لوح کا نظر آئے! | جو نقشِ پا کا لگاؤں غبار آنکھوں میں [2] |

ياد رهي! روزو هجي تہ اکين ۾ سُرمو وجهڻ سان روزو نہ ٽُٽندو، بلڪ نبيءِ رحمت، شفيعِ امّت صَلَّى الله عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ پنهنجي صحابي کي روزي جي حالت ۾ سُرمو وجهڻ جي اجازت عطا فرمائي.

مختلف سنّتون سکڻ جي لاءِ مڪتبةُ المدينہ جو ڪتاب بهارِ شريعت جلد:3 حصّو: 16، ۽ شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو 91 صفحات جو رسالو 550 سنّتون ۽ آداب خريد ڪيو ۽ پڙهو، سنّتن سکڻ جو هڪ بهترين ذريعو دعوتِ اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سنّتن ڀريو سَفر بہ آهي.

| | |
|---|---|
| اُلفتِ مصطفٰے اور خوفِ خُدا | چاہیے گر تمھیں قافلے میں چلو |
| عِلم حاصِل کرو، جَہل زائِل کرو | پاؤ گے راحتیں قافلے میں چلو [3] |

الله پاڪ اسان کي عَمل جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيِّيْن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

[1] 550سنتيں اور آداب، صفحہ:38۔
[2] سامانِ بخشش ،صفحہ:147۔
[3] وسائلِ بخشش ،صفحہ:669ملتقطاً۔

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتنڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

## ﴿1﴾ جمعه جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِ نِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعه ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

## ﴿2﴾ سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا. [2]

## ﴿3﴾ رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

---

[1] افضل الصلوات علی سید السادات، الصلاۃ السادسۃ والخمسون، ص151ملخصًا
[2] افضل الصلوات علی سید السادات، الصلاۃ الحادیۃ عشرۃ، ص 65

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[1]

## (4) ڇهه لک دُرُودشريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ڪِن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[2]

## (5) قُربِ مُصطَفٰي ﷺ

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اکبر رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهڙي مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي.[3]

## (6) دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[4]

---

[1] ... القول البديع، الباب الثانى، ص277

[2] ... افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149

[3] ... القول البديع، الباب الاول، ص3125

[4] ... الترغيب والترهيب، ج 2، ص 329، حديث 31

## ﴿1﴾ هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَی اللّٰہُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا ھُوَ اَھْلُہٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللّٰہُ عَنْھُمَا کان رِوايت آهي ته سرڪارِ مدينه صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن. [1]

## ﴿2﴾ جڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰہَ اِلَّا اللّٰہُ الْحَلِیْمُ الْکَرِیْمُ ، سُبْحٰنَ اللّٰہِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِیْمِ

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو جڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. [2]

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

[1]... مجمع الزوائد،كتاب الادعية،باب فی كيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305

[2]... ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455